NO. SELD/CA/CW/18 /2018.
GOVERNMENT OF SINDH
SCHOOL EDUCATION & LITERACY DEPARTMENT
Karachi, dated the 17th, February, 2026.

**To,**

**The Director,**
Directorate of Curriculum, Assessment & Research (DCAR), Jamshoro.

**SUBJECT:** **SUBMISSION OF STANDARDIZED MODEL TEST PAPERS FOR GRADE-IV TO GRADE-VIII FOR THE ACADEMIC YEAR 2025-2026. (REQUEST FOR APPROVAL & DISSEMINITION).**

This letter is with reference to your letter No. DCAR/DIR/52/-2026, dated; 04th of February 2026 on the subject cited above.

Reference to the content of the letter as stated that the Directorate of Curriculum, Assessment & Research (DCAR), has developed the Standardized Model Test Papers for Grade IV to Grade-VIII, for the Academic Session 2025-2026 and for Local Annual Examinations 2026.

This is to inform that the competent authority has approved the request and permission is granted for dissemination of the developed Standardized Model Test Papers for Grade IV to Grade-VIII, to all Directorates of School Education of all regions of Sindh, for guidance and preparation of Standard Test Papers.

Your assistance with this matter is highly valued.

**Dr. Fouzia Khan**
**Chief Executive Advisor (Curriculum Wing)**
**School Education and Literacy Department**
**Government of Sindh.**

A copy is forwarded for information to: -
1. The P.S to Minister for Education, Govt. of Sindh.
2. The P.S to Secretary, School Education & Literacy Department, Govt. of Sindh.
3. The Office File.

Directorate of Curriculum, Assessment & Research Sindh, Jamshoro

Model Paper 2025-26

**Time: ......... Minutes** **Grade: VI** **Subject: Religious Education** **Total Marks (100)**

Name of Student: ______________________ S/D/O: ______________________ Gender (Boy/Girl):_____

Medium: ______________ School Name: ________________________________________

Taluka: ______________ City/ Village ______________ Signature of Invigilator: ______________

| **حصو (الف)** | **معروضي سوال (MCQs)** | **مارڪون** 20 |
|---|---|---|

صحيح جواب تي (✓) جو نشان لڳايو.

(i). هر مذهب سيڪاري ٿو:

**(الف) نيڪي ڪرڻ** (ب) دولت ڪمائڻ

(ج) ترقي ڪرڻ (د) حڪم ڏيڻ

(ii). هر مذهب خاص تلقين ڪري ٿو:

(الف) سٺا اخلاق (ب) سهٺو سلوڪ (ج) پرهيز گاري **(د) اهي سيئي**

(iii). جيڪو برائيءَ خلاف تحرڪ نہ وٺي اهو:

**(الف) برو آهي** (ب) چڱو آهي (ج) سست آهي (د) چست آهي

(iv). گرو انگد ديو پيدا ٿيو:

(الف) 1503 ع ۾ **(ب) 1504 ع ۾** (ج) 1505 ع ۾ (د) 1506 ع ۾

(v). گرو ارجن ديو امرتسر ۾ جيڪو مندر اڏايو ان کي سڏجي ٿو:

(الف) سلور ٽيمپل (ب) مرڪيوري ٽيمپل

**(ج) گولڊن ٽيمپل** (د) براس ٽيمپل

(vi). قانون نافذ ڪرڻ جو اختيار حاصل آهي:

**(الف) سرڪار کي** (ب) عوام کي (ج) ججن کي (د) فوج کي

(vii). سہل سنگهہ جا ٻار هئا:

(الف) ٻہ **(ب) ٽي** (ج) چار (د) پنج

(viii). صفائيءَ جي هفتي دوران جنهن ڊاڪٽر ٻارن کي سمجهايو، اهو هئو:

(الف) ڊاڪٽر انور (ب) ڊاڪٽر منصور (ج) ڊاڪٽر شهمير **(د) ڊاڪٽر احمر**

(ix). پاڪ سڳورن ﷺ مهمان جي جنهن مهمان نوازي ڪئي سو هو:

(الف) هڪ بزرگ **(ب) هڪ صحابي** (ج) هڪ عورت (د) هڪ مخدوم

(x). ڪاڏي جو زيان هڪ قسم جي:

(الف) بيماري آهي (ب) نشاني آهي **(ج) ناشڪري آهي** (د) عادت آهي

(xi). مقدسہ جي معنیٰ آهي:

**(الف) پاڪيزه** (ب) خوبصورت (ج) نيڪ (د) سگهڙ

(xii). اشوڪا موريا بادشاهہ پيدا ٿيو:

(الف) 301 ق.م ۾ (ب) 302 ق.م ۾ (ج) 303 ق.م ۾ **(د) 304 ق.م ۾**

(xiii). مقدس ٿامس اڪوئينس مؤڪر جي نظرين جو ترجمو ڪيو:

(الف) افلا طون (ب) ابن رشد (ج) غزالي **(د) ارسطو**

(xiv). عيد جي لفظي معنیٰ آهي:

(الف) خوشيءَ وارو ڏينهن | (ب) رڌ پچاءَ وارو ڏينهن

**(ج) وري وري موٽي اچڻ وارو ڏينهن** | (د) نہ کٽڻ وارو ڏينهن

(xv). قرآن مجيد نازل ٿيو:

(الف) محرم جي مهيني ۾ | (ب) ربع الاول جي مهيني ۾

(ج) شعبان جي مهيني ۾ | **(د) رمضان جي مهيني ۾**

(xvi). ڪرسمس ملهايو ويندو آهي ڊسمبر جي:

**(الف) 25 تاريخ تي** | (ب) 26 تاريخ تي | (ج) 27 تاريخ تي | (د) 28 تاريخ تي

(xvii). حضرت يسوح مسيح جي پيدائش ٿي.

**(الف) بيت لحم ۾** | (ب) گرجا گهر ۾ | (ج) مڪي ۾ | (د) بيت المقدس ۾

(xviii). بابا گرو نانڪ ديو جي جنم ڀومي ننڪانہ صاحب جو پراڻو نالو هئو.

**(الف) تل ونڊي داءِ پوءِ** | (ب) مل ونڊي راءِ پوءِ | (ج) سل ونڊي راءِ پوءِ | (د) هل ونڊي راءِ پوءِ

(xix). مها شِو راتريءَ جو تهوار يارهين مهيني ماگهہ جي تاريخ تي ملهايو ويندو آهي:

(الف) ڏهين | (ب) يارهين | (ج) ٻارهين | **(د) تيرهين**

(xx). مها ديو سمجهيو ويندو آهي:

**(الف) شو شنڪر** | (ب) ماڏو ماڪن | (ج) رام | (د) ڪرشن

| حصو (ب) | **مختصر سوال** (CRQs) | **مارڪون** 40 |
|---|---|---|

**نوٽ:** هيٺين مان ڪن بہ ائن سوالن جا جواب لکو هر هڪ سوال تي پنج مارڪون رکيل آهن:

1. مذهب جي بنيادي قدرن مان ڪن بہ پنجن جا نالا لکو.
2. انساني ترقيءَ جو مفهوم ڇا آهي؟
3. نظم ماڪيءَ جي مک مان شاگردن کي ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟
4. اخلاقي قدرن مان ڇا مراد آهي؟
5. با يزيد بسطامي پنهنجي والده جي ڪهڙي ريت خدمت سرانجام ڏني؟
6. سک مذهب جون پنج علامتون ڪهڙيون آهن؟
7. راجپوت گهراڻي جو ڪهڙو اصول هئو، جنهن ڪري آشاڪنور اسڪول نہ وڃي سگهي؟
8. قرآن مجيد ۾ حضرت مقدسہ مريم عليها السلام لاءِ ڪهڙو فرمان آهي؟
9. بادشاهہ اشوڪ ٻڌ مذهب ڏانهن ڪيئن مائل ٿيو؟
10. پاڪستان ۾ شِو راتري جا ميلا ڪٿي ملهايا ويندا آهن؟
11. ٻين سان ونڊي کائڻ جو مطلب ڇا آهي؟

| حصو (ج) | **تفصيلي سوال** (ERQs) | **مارڪون** 40 |
|---|---|---|

**نوٽ:** هيٺين مان ڪن بہ ٽيئن سوالن جا جواب ڏيو هر هڪ جواب تي ڏهہ مارڪون رکيل آهن.

12. انساني ترقيءَ جو مفهوم ڇا آهي؟ انساني ترقيءَ ۾ مذهب جو ڪهڙو ڪردار آهي؟
13. بابا گرو نانڪ جي زندگيءَ جو احوال بيان ڪريو.
14. قانون جي احترام جا فائدا بيان ڪريو.
15. سماجي آدابن مان ڇا مراد آهي؟ تفصيل سان بيان ڪريو.
16. حضرت مقدسہ مريم جي ڪردار جو جائزو بيان ڪريو.
17. عيدالفطر تي تفصيلي نوٽ لکو؟

Directorate of Curriculum, Assessment & Research Sindh, Jamshoro

Model Paper 22025-26

**Time: ......... Minutes** **Grade: VII** **Subject: Religious Education** **Total Marks (100)**

Name of Student: ______________________ S/D/O: ______________________ Gender (Boy/Girl):_____

Medium: ______________ School Name: ________________________________

Taluka: ______________ City/ Village ______________ Signature of Invigilator: ______________

| حصو (الف) | معروضي سوال (MCQs) | مارڪون 20 |
|---|---|---|

**صحيح جواب تي (✓) جو نشان لڳايو.**

(i). لفظ رسم جي معنىٰ آهي:
(الف) نشان (ب) آئين (ج) قانون ۽ عادت **(د) اهي سڀ**

(ii). خلق جو جمع آهي:
**(الف) اخلاق** (ب) اعمال (ج) اعتدال (د) اخلاص

(iii). بادشاهي مسجد واقع آهي:
(الف) ڪراچي ۾ **(ب) لاهور ۾** (ج) پشاور ۾ (د) ڪوئيٽا ۾

(iv). سکن جو مذهبي ڪتاب گرو گرنٿ صاحب جي شاعري مشتمل آهي:
(الف) اٽڪل 3 هزار شبدن کان وڌيڪ (ب) اٽڪل 4 هزار شبدن کان وڌيڪ
**(ج) اٽڪل 5 هزار شبدن کان وڌيڪ** (د) اٽڪل 6 هزار شبدن کان وڌيڪ

(V). زتشت مذهب پراڻو مذهب آهي:
**(الف) ايران جو** (ب) مصر جو (ج) شام جو (د) عراق جو

(vi). اهرمن ضد آهي:
(الف) مزدان جو **(ب) يزدان جو** (ج) زردان جو (د) هردان جو

(vii). زرتشت جو مقدس ڪتاب آهي:
**(الف) نوستا** (ب) اوستا (ج) آستا (د) سَوستا

(viii). عيدالاضحىٰ ملهائي ويندي آهي:
(الف) 8 ذوالحج (ب) 9 ذوالحج **(ج) 10 ذوالحج** (د) 11 ذوالحج

(ix). ”نوروز“ فارسي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن معنىٰ آهي:
(الف) پراڻو ڏينهن (ب) اڳيون ڏينهن **(ج) نئون ڏينهن** (د) اجو ڪو ڏينهن

(X). ڪلڻ ۽ مرڪڻ هڪ صحت منداڻي ورزش آهي، اهو چوڻ آهي:
**(الف) ڊاڪٽر ايچ ليندبر جو** (ب) ڊاڪٽر ايم ليندبر جو
(ج) ڊاڪٽر اين ليندبر جو (د) ڊاڪٽر ڊبليو ليندبر جو

(xi). مشهور فلسفي سقراط جو تعلق هئو:
(الف) ايران سان **(ب) يونان سان** (ج) مصر سان (د) روم سان

(xii). ”هوليءَ“ جو ڏڻ ملهايو ويندو آهي:
(الف) سياري ۾ **(ب) بهار ۾** (ج) سرءُ ۾ (د) اونهارو ۾

(xiii). حضرت بيبي رابعہ بصري جي پيدائش تي:
(الف) 93 يا 94 هه (ب) 95 يا 96 هه (ج) 97 يا 98 هه **(د) 98 يا 99 هه**

(xiv). حضرت بيبي رابعہ جي والد جو نالو هئو:

(الف) ابراهيم **(ب) اسماعيل** (ج) دائود (د) يعقوب

(xv). زرتشت جي پيدائش آهي:

(الف) 560 ق. م ۾ **(ب) 660 ق. م ۾** (ج) 760 ق. م ۾ (د) 860 ق. م ۾

(xvi). نظم ”پلائيءَ“ جو مصنف آهي:

(الف) سچل سرمست **(ب) محمد صديق مسافر** (ج) ڪرشن چند بيوس (د) حاجي احمد ملاح

(xvii). زرتشت جيڪي نظم لکيا انهن کي سڏيو ويجي ٿو:

(الف) ماٿا **(ب) گاٿا** (ج) ساٿا (د) ناٿا

(xviii). پنهنجي ڪلاس فيلو ۾ ساٿين ۾ مشهور هئي:

**(الف) جيسمين** (ب) روز (ج) ٽيولپ (د) ميري

(xix). حضرت بيبي رابعہ بصري کي والدين جو وڇوڙو ڏسڻو پيو:

(الف) 3 سالن جي عمر ۾ **(ب) 5 سالن جي عمر ۾**

(ج) 6 سالن جي عمر ۾ (د) 7 سالن جي عمر ۾

(xx). لفظ پيچڪڙيءَ جي معنىٰ آهي:

**(الف) انحرافي** (ب) احتجاج (ج) رعب تاب (د) حراس

| حصو (ب) | **مختصر سوال** (CRQs) | **مارڪون** 40 |
|---|---|---|

**نوٽ:** هيٺين مان ڪن بہ اٺن سوالن جا جواب لکو هر هڪ سوال تي پنج مارڪون رکيل آهن:

1. انساني زندگي ۾ مذهب ڇو ضروري آهي ؟
2. فنون لطيفہ مان ڇا مراد آهي ؟
3. اشوڪا ٻڌ مت جي ترقي ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو؟
4. اسلام ۽ سک مذهب جي صوفياني شاعري ۾ ڪهڙو سبق ملي ٿو؟
5. زرتشت مذهب جا بنيادي اصول ڪهڙا آهن ؟
6. عيدالاضحىٰ جي ڏڻ جو اصل مقصد ڪهڙو آهي ؟
7. مسيحي ايسٽر ڇا ڪاڻ ملهائيندا آهن ؟
8. هولي ڏڻ جو تاريخي پسمنظر ڇا آهي ؟
9. ايران ۾ نوروز جي ڏڻ جي شروعات ڪڏهن تي ۽ ڪنهن ڪئي ؟
10. وقت جي پابندي نہ ڪندڙ کي ڪهڙو نقصان پوندو آهي ؟
11. مالڪ حقيقي جا احساس ڪهڙيءَ طرح اسان کي برائين کان روڪي ٿو؟

| حصو (ج) | **تفصيلي سوال** (ERQs) | **مارڪون** 40 |
|---|---|---|

**نوٽ:** هيٺين مان ڪن بہ چئن سوالن جا جواب ڏيو هر هڪ جواب تي ڏهہ مارڪون رکيل آهن:

12. مذهب ڪهڙي طرح اسان جي ذهني جسماني عقلي روحاني ۽ اخلاقي طاقتن کي هٿي وٺائڻ ۾ مدد ڪري ٿو؟
13. مغلن جي دؤر جا جن ۽ هٺ هنر بيان ڪريو بادشاهي مسجد جو احوال مختصر لکو.
14. هيٺين مان ڪنهن بہ هڪ تي تفصيلي نوٽ لکو.

(i) سک مذهب (ii) هندو مذهب (iii) مسيحيت

15. زرتشت مذهب جا بنيادي تصور بيان ڪيو.
16. حضرت رابعہ بصريءَ جي شخصيت تي تفصيلي نوٽ لکو.
17. موبائل جا اسان جي زندگيءَ تي ڪهڙا مثبت ۽ منفي اثر مرتب ٿين ٿا. تفصيل سان وضاحت ڪريو-

**Directorate of Curriculum, Assessment & Research Sindh, Jamshoro**

**Model Paper 22025-26**

**Time: ......... Minutes** **Grade: VIII** **Subject: Religious Education** **Total Marks (100)**

Name of Student: ______________________ S/D/O: ______________________ Gender (Boy/Girl):_____

Medium: ____________ School Name: ______________________________________

Taluka: ____________ City/ Village ____________ Signature of Invigilator: ____________

| حصو (الف) | معروضي سوال (MCQs) | مارڪون 20 |
|---|---|---|

صحيح جواب تي (✓) جو نشان لڳايو.

(i). انساني سماج ۾ هن پوري دنيا ۾ امن و امان ۽ انتظام قائم رکڻ جي چابي آهي.

**(الف) مذهب** (ب) دولت (ج) طاقت (د) لشڪر

(ii). حضرت موسىٰ کي مليل احڪامن جو تعداد آهي.

(الف) 5 (ب) 6 (ج) 8 **(د) 10**

(iii). دنيا جي سمورن مذهبن جي تعليم جا قسم آهن.

**(الف) 2** (ب) 3 (ج) 4 (د) 5

(iv). گرو گوبند سنگهه هڪ ويساکيءَ جو مذهبي اجتماع منقد ڪيو.

(الف) 25 ماچ 1699 ع (ب) 26 مارچ 1699 ع (ج) 27 مارچ 1699 ع **(د) 30 مارچ 1699 ع**

(v). حضرت ڪنفيوشس جو تعلق چين جي هڪ طبقي سان هو اهو هئو؟

(الف) لي **(ب) شي** (ج) بي (د) ني

(vi). ڪنفيوشس ازم جو سڀ کان وڌيڪ مشهور ڪتاب آهي.

**(الف) اينااليڪٽس** (ب) سي شو (ج) شي (د) چن قن

(vii). تاؤازم جو باني هو.

(الف) ماؤزي **(ب) لاؤزي** (ج) لاؤتر (د) لي چنگ

(viii). ڏياري کي اردو ۾ ”ديوالي“ چون تا اهو لفظ ورتل آهي.

(الف) اردو ٻوليءَ مان **(ب) سنڪرت ٻوليءَ مان**

(ج) سنڌي ٻوليءَ مان (د) عربي ٻوليءَ مان

(ix). گوپال لفظ جي معنىٰ آهي.

**(الف) ڳئون پالينڌڙ** (ب) ٻڪريون پالينڌڙ

(ج) رڍون پالينڌڙ (د) مينهن پالينڌڙ

(x). جنم اشتمي جنم ڏينهن آهي.

**(الف) ڀڳوان ڪرشنا جو** (ب) بلرام جو

(ج) رام جو (د) سيتا جو

(xi). جشن آزادي جو ڏهاڙو اسان لاءِ آهي.

(الف) ميلي جهڙو **(ب) عيد جهڙو** (ج) گڏ جاٽيءَ جهڙو (د) گهمڻ جهڙو

(xii). قومن جي ترقي ۽ خوشحالي جو دارو مدار آهي.

(الف) ڪم ڪرڻ تي **(ب) اتفاق ۽ ٻڌيءَ تي** (ج) نفاق تي (د) ڪوشش ڪرڻ تي

(xiii). دنيا جو سڀ کان پهريون آئين هڪ آثار قديم جي ماهر ارنسٽ دي سارزڪ لڌو.

**(الف) 1870 ع ۾** (ب) 1875 ع ۾ (ج) 1876 ع ۾ (د) 1877 ع ۾

(xiv). برطانيه ۽ نيوزيليند اهڙا ملڪ آهن جن وٽ آئين.

(الف) تحريري آهي **(ب) غير تحريري آهي** (ج) پراڻو آهي (د) ضروري نہ آهي

(xv). 1973 جي آئين مطابق مذهبي آزادي هر شهري جو بنيادي.

(الف) فرض آهي　(ب) **حق آهي**　(ج) گهرج آهي　(د) قانوني آهي

(xvi). اجڪلهہ پروگرام ۾ دير ڪري پهچڻ سمجهو وڃي ٿو.

(الف) عزت　(ب) وڏائي　(ج) **اسٽيٽس سيمبل**　(د) فرض

(xvii). انسان سماج جو هڪ.

(الف) مرد آهي　(ب) فرد آهي　(ج) ذرو آهي　(د) **حصو آهي**

(xviii). قبيلا ۽ ڪٽنب گڏجي جوڙين ٿا.

(الف) رسم　(ب) رواج　(ج) **سماج**　(د) اناج

(xix). وڏڙن جون دعائون ۽ پيار اسان لاءِ مصيبتن ۾ ڪم ڪن ٿيون.

(الف) عزت جو　(ب) **ڍال جو**　(ج) مال جو　(د) وبال جو

(xx). ميران بائي پيدا ٿي:

(الف) 1203ع ۾　(ب) 1305ع ۾　(ج) 1403ع ۾　(د) **1503ع ۾**

| حصو (ب) | مختصر سوال (CRQs) | مارڪون 40 |
|---|---|---|

**نوٽ:** هيٺين مان ڪن بہ اٺن سوالن جا جواب لکو هر هڪ سوال تي پنج مارڪون رکيل آهن:

1. سماجي ڀلائي لاءِ مذهب ڪهڙين ڳالهين جي تلقين ڪن ٿا؟
2. ٻين جي عزت ڪرڻ ڇو ضروري آهي ؟
3. ڪنفيوشس ازم ڌانهن منسوب ڪتابن جا نالا لکو.
4. تاؤازم جي شروعات ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿي ؟
5. ڏياري ڪڏهن ۽ ڇو ملهائي ويندي آهي ؟
6. جنم اشٽمي جو ڏڻ ڇو ۽ ڪڏهن ملهائبو آهي ؟
7. جشن آزادي ڪيئن ملهائڻ گهرجي ؟
8. قومي اتحاد مان ڇا مراد آهي ؟
9. رجنيءَ جي ساهيڙيءَ دير ڪرڻ جا ڪهڙا فائدا ٻڌايا؟
10. سلام ڪرڻ جا ڪهڙا فائدا آهن ؟
11. مريض جي عيادت ڪرڻ ڇو ضروري آهي ؟

| حصو (ج) | تفصيلي سوال (ERQs) | مارڪون 40 |
|---|---|---|

**نوٽ:** هيٺين مان ڪن بہ ٽن سوالن جا جواب ڏيو هر هڪ جواب تي ڏهہ مارڪون رکيل آهن:

12. سماجي ڀلائي لاءِ اسين پنهنجو ڪردار ڪهڙي نموني ادا ڪري سگهون ٿا؟ مثالن سان واضح ڪيو.
13. تاؤازم جي مشهور ڪتابن ڪي تفصيل سان بيان ڪريو؟
14. ڏياريءَ جو رسمون بيان ڪريو.
15. اوهان جي خيال ۾ معاشي ترقي لاءِ شهري ڪهڙو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو؟
16. اسان جي سماجي زندگيءَ ۾ وقت جي پابنديءَ جي ڪيتري اهميت آهي ؟
17. ابن مسڪويہ تاريخ جو مطالعو هڪ فلسفي ۽ سائنسدان جي نظر سان ڪيو، ان جملي جي پنهنجي لفظن ۾ وضاحت ڪريو.